# مورج منگهناڻي

## دانوير ۽ سماج سڌارڪ

## گروپ چيئرمن: اِنٽرنيشنل ٽريڊ رس (مڊل ايسٽ) لميٽيڊ



Murij Manghnani
Group Chairman, International Traders (Middle East) Ltd.
Businessman and Philanthropist

سنڌ ڌرتي، پراچين اِنساني تهذيب جي سڃاڻپ آهي! سنڌ، جنهن لاءِ جواهرلال نهروءَ پنهنجي ڪتاب 'Discovery of India' ۾ لکيو آهي تہ ''مونکي فخر آهي تہ مون اُن ڌرتيءَ تي جنم ورتو، جنهن سموري دنيا کي سڀيتا ۽ سنسڪرتي ڏني''. هزارين سال اڳ جڏهن ٻين ملڪن جي ماڻهن کي پنهنجو جسم ڍڪڻ جي بہ خبر ڪونہ هئي؛ غارن ۽ غفائن ۾ رهندا هئا؛ تڏهن سنڌ ۾ نهايت ئي عمده قسم جو ڪپڙو اُڻيو ۽ ڏيساور ڏانهن موڪليو ويندو هو. جڏهن ماڻهو چند ميلن جي فاصلي کي 'پرديس' ڪري چوندا هئا، تڏهن اسان جا سنڌي هندو مال جا غوراب ٻرائي طوفاني سمنڊن جو سفر ڪندي ڏيه پرڏيه ۾ وڻج واپار ڪندا هئا!

اَڄ بہ جڏهن دنيا جي نقشي تي نظر ڦيرايون ٿا تہ ڌرتيءَ جو اُهو خطو نٿو ملي، جتي سنڌي هندن پنهنجو نشان ڪونہ ڇڏيو هجي. اڳ ساموندي طوفان، جهنگلي جانور، غير موافق روڊ رستا ، آمدرفت جا اَڻپورا وسيلا اَسان سنڌين جي راه ۾ رُڪاوٽ بڻبا هئا، تہ اَڄ ڌرم ۽ مذهب جو نالي سوارٿ، اِنساني تنگدلي ، دهشتگردي ۽ روز بدلجندڙ غير ملڪي قانون پرڏيهي سنڌين جي راه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا.

پوءِ بہ اَسان جي سنڌي جاتيءَ ۾ جنم وٺندڙ اَهڙا اَنيڪ شخص ملندا، جن پنهنجي ناڄي صلاحيتن سبب سنڌ ۽ هند تہ ڇڏيو، پر ڏورانهن ڏيهن ۾ پڻ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي آهي. اَڄ اَسان وٽ دبئيءَ مان آيل آهي اهڙي ئي هڪ ناميار شخصيت،

**شري مورج منگهناڻي...**

**جوَهراڻي:** **دادا! توهان جو سواگت آهي! سڀ کان پهرين اَسين ڄاڻڻ چاهينداسين تہ اَوهين سنڌ جي ڪھڙي حصي سان وابستہ آهيو؟**

**مورج:** منهنجو جنم ۱۹۲۷ع ۾ سنڌ جي ٽنڊو آدم، ضلعو نواب شاه ۾ ٿيو.

**جوَهراڻي:** **’ٽنڊو آدم‘، جنهن کي ’سنڌ جي ڪاشي‘ ڪري سڏيو ويندو هو؟ اُتي اَوهان جو ڪھڙو ڪاروبار هئو؟**

**مورج:** اَسان جو Cotton Ginning Factories جو ڪاروبار هئو. اَسان جي وڏن کي Pressing Factories پڻ هونديون هيون. هول سيل ڪپڙي جو بہ واپار هئو!

**جوَهراڻي:** **توهين پنهنجي تعليم پرائڻ جي باري ۾ ٻڌائيندا؟**

**مورج:** اُن زماني ۾ ٽنڊو آدم ۾ پنجين درجي تائين اِسڪول هوندو هئو. اُتي پنج درجا پڙهيو هوس. اسان کي جيئن تہ Cotton Ginning Factories هيون، ان ڪري اَسان کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي Office هئي ۽ اَسين ڪراچيءَ ۾ وڃي رهندا هئاسون. جنهن ڪري مون وڌيڪ تعليم اُتي ئي ورتي.

**جوَهراڻي:** **تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ اَوهان ڪھڙو ڪاروبار ڪيو؟**

**مورج:** مون تعليم پوري ڪئي ۽ شادي ٿي ۽ يڪدم ورهاڱو ٿي ويو.

**جوَهراڻي:** **سنڌ ۾ آزاديءَ جي تحرڪ ۾ اَوهان جي وڏن ڪجھ ڀاڱ ورتو؟**

**مورج:** اَسان جي پريوار مان هڪ شخص گھنشامداس منگھناڻيءَ ڀرو ورتو هو ۽ جيل ۾ بہ ويو هئو! آءٌ پاڻ بہ Students' Union ۾ ڀرو ونندو هوس. جڏهن ۱۹۴۲ع ۾ 'Quit India Movement' پئي هلي، تہ گانڌيجيءَ ’چرخا-سنگھہ‘ پيدا ڪيا هئا. چيو هئائين تہ توهين بلڪل Non-Political رهو. تڏهن ’چرخا-سنگھہ‘ وارن اَسان اِستوڊنٽس جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي. اُتي ٻڌايائون تہ 'Quit India' تحرڪ ۾ اَسان جا سڀ ماڻهو پڪڙجي ويا آهن. اَخبارن تي Censorship آهي، جنهن ڪري ماڻهن کي پوري خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. تڏهن هنن چيو تہ اَسين بليٽن ڇپي سگھون ٿا،

پر اُن جي سرڪيوليشن ۾ توهين شاگرد اَسان جي مدد ڪريو. اَسان پنجن-ستن دوستن گڏجي اها جوابداري کنئي. اَسان کي صبح جو سوير اُٿي بليٽن پهچڻديون هيون، جيڪي اَسين گهرن ۾ وجي ڏيئي ايندا هئاسين.

**جوَهراڻي:** **توهان ڪهڙي عمر ۾ شادي ڪئي هئي؟**

**مورج:** سچ پڇو ته مان به ٻال وواه جو هڪ Victim آهيان. اَرڙهن سالن جو هوس. ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس. ڏياريءَ تي ٽندو آدم ۾ مائٽن سان گڏ ڏياري ملهائڻ لاءِ وڃبو هو. ڏسان ته منهنجو پيءُ منهنجي مٽي مائٽيءَ جي پيو ڳالهه هلائي. همٿ ٻڌي پيءُ سان گڏيس. چيومانس،

”بابا! مونکي پڙهڻو آهي! مهرباني ڪري منهنجي مائٽيءَ جي ڳالهه نه ڪريو!“

منهنجي پيءُ کي ڏاڍو غصو اَچي ويو.

چيائين” توکي وڏن سان ڳالهائڻ ۾ شرم ڪونه ٿو اَچي“.

مون چيو: ”مون ٻي ڪا بدفضيلت جي ڳالهه ته ڪئي ڪانه! “

منهنجي پيءُ کي ڳالهه ڪونه وڻي. هو اُٿي هليو ويو. مون به وري ڪراچيءَ لاءِ پئڪنگ شروع ڪئي.

منهنجي ماءُ چيو ته ”ڪراچيءَ ۾ ته اَجا اِسڪول بند آهن. هتي ئي ڏياري ڪري وڃ.“

بابا آيو، ته اُن سان ڳالهه ڪيائين. بابا مونکي گهرائي چيو، ته ”ٻڌو اَٿم ته تون ڪراچيءَ جون تياريون پيو ڪرين. ڏياري ته مائٽن سان ڪبي آهي!“

مون چيو، ”جيڪڏهن مائٽن کي اولاد لاءِ پيار ئي نه هجي، ته پوءِ رهي ڇا ڪبو!“

مان ڪراچيءَ واپس هليو ويس.

ڪراچيءَ ۾ اَسان کي هڪ ماڙي تي آفيس هئي ۽ ٻئين ماڙي تي اَسين رهندا هئاسين. هڪ ڏينهن اِسڪول مان موٽيس ته اسان جي منيب مٽي اَچي چيو، ته

”سيٺ! اَوهان کي مڻائي ڪارائٽي پوندي!“

مون چيو، ”مان مڱيو آهيان ڇا؟“

چيائين ”ها!“

”ڪٿي؟“

چيائين، ”راءِ صاحب جمنمل ٽنڊو ڄام جا! انهن جي پريوار مان سيٺ پيرومل جي نياڻيءَ سان توهين مڱيا آهيو“. اِئين مڱڻو ٿي ويو. شادي ڪيم، عمر اَرڙهن سال. منهنجي زال جي عمر چوڏهن سال. وري بہ اَنگريزن جو شڪرگذار آهيان، جن شاديءَ جي عمر بابت قاعدو قانون آندو هو. ڇو تہ منهنجي پيءُ جڏهن شادي ڪئي هئي تہ هوُ يارهن سالن جو هئو ۽ منهنجي ماءُ ڏہ سالن جي هئي. منهنجو پيءُ ١٦ سال ۽ ماءُ ١۴ سالن جي هئي جڏهن منهنجو جنم ٿيو هو.

**جوَهراڻي:** **اُن وقت جڏهن فيملي پلاننگ جو دور بہ نہ هو، تڏهن بہ توهان فيملي پلاننگ ڏانهن ڌيان ڪيئن ڏنو؟**

**مورج:** چاڪاڻ تہ ١٩۴٥ع ۾ ننڍي عمر ۾ شادي ڪيم. ١٩۴٧ع ۾ پهريون ٻار ٿيو. ١٩۴٩ع ۾ ٻيو ٻار ٿيو. مون چيو، تہ هن حساب سان تہ ڪرڪيٽ ٽيم تيار ٿي ويندي. سو مان چوندو آهيان تہ چاچا نهروءَ فيملي پلاننگ پوءِ سوچي، پر مون اُن کان اَڳ سوچيِ ۽ پيروي ڪئي!

**جوَهراڻي:** **آزاديءَ جي تحرڪ دوران ڪڏهن اَوهان کي اِهو ويچار آيو تہ ديش جي آزادي اَسان سنڌين لاءِ بدقسمتي آڻي سگهي ٿي! ملڪ جو ورهاڱو ٿي سگهي ٿو؟**

**مورج:** خواب خيال بہ ڪونہ هو!

**جوَهراڻي:** **جڏهن ورهاڱي جو خبرون آيون تہ اَوهان جي دل تي ڇا گذريو؟**

**مورج:** سمجهيوسون، تہ جڏهن گانڌيجيءَ جهڙو ماڻهو بہ چوي ٿو تہ ورهاڱو منهنجي لاش مٿان ٿيندو؛ تڏهن اَسان کي ان ۾ بيحد يقين هئو ۽ سمجهيوسين پئي تہ ورهاڱو ڪين ٿيندو!

**جوهراڻي:** **ڪن جو چوڻ آهي تہ اَسان جي رهبرن ئي اَسان جون راهون منجهايون ۽ جاتيءَ ڪي صدقي ڪري پنهنجن شخصي فائدن جو سوچيو! ڇا اِهو سچ آهي؟**

**مورج:** برابر آهي تہ اُن مهل اَسان جا جيڪي اَڳوان هئا، سي سچ پچ ٻيو ڪجهہ نہ ; پر ايترو تہ ڪري سگهن ها تہ پنجاب ۽ بنگال جيان ڪجهہ حصو تہ سنڌ جو بہ وٺن ها! ٿرپارڪر ضلعو ۽ ان سان لڳ بہ ٻي ضلعا وٺي سگهن ها! ان ٽائيم ۾ جناح جي مسلم ليگ ورهاڱي لاءِ ڏاڍي Anxious هئي. هو ان لاءِ ڪجهہ بہ مڃڻ لاءِ تيار ٿين ها. پر اَسان جي مدبرن ڪڏهن بہ اَهڙي ڪوشش ڪونہ ڪئي!

**جوهراڻي:** **ورهاڱي ڪانپوءِ اَوهين هندوستان ۾ پهرين ڪٿي آيا؟**

**مورج:** اَسين پهرين اَجمير جي پاسي پُشڪر ۾ آياسين. اُتان پوءِ Shift ڪري اُلهاس نگر ۾ آياسين. جنهن کي اُن مهل ڪلياڻ ڪيمپ سڏيو ويندو هو.

**جوهراڻي:** **شرڻارٿين جي حالتن جو ٻُڌي اچ بہ دل دهلجي وڃي ٿي! توهان جو اَهڙو ڪو اَنڀوءُ اُن وقت رهيو؟**

**مورج:** شروعات ۾ جڏهن راج گوپال آچاريہ ڪلياڻ ڪيمپ اَچي کولي، تڏهن اَسين پُشڪر ۾ هئاسين. اَسان جڏهن اُتان Shift ڪيو، تڏهن ۵۳-۱۹۵۲ع ڏاري حالتن ۾ چڱو سڌارو اَچي ويو هئو. اُلهاس نگر ۾ 'C-Block' نهيا هئا ۽ اَسين ان ايريا ۾ آياسين. بئرڪن ۾ ڪونہ رهياسين. پنهنجو گهر ئي هئو.
One Bed Room + Hall جون جڳهيون هيون.

**جوهراڻي:** **اُن وقت ڪلياڻ ڪيمپ ۾ اَوهان روٽي روزيءَ لاءِ ڪهڙو ڪاروبار ڪيو؟**

**مورج:** آءٌ بامبي ۾ نوڪري ڪندو هوس!

**جوهراڻي:** **توهان سنڌ کان هند جو سفر تہ ٻڌايو، پر هند کان دبئيءَ جي سرزمين تي ڪيئن پهتا؟**

**مورج:** مان جنهن ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هوس، اها دبئيءَ جي واپارين

کي Finance ڪندي هئي. هڪ News آئي تہ هڪڙو واپاري Bankrupt ٿي ويو آهي. ٻين واپارين ۾ بہ اهڙو ڪجھ شڪ هئو. انهن پارٽين وٽ اسان جي ڪمپنيءَ جا پيسا رکيل هئا. ڪمپنيءَ طرفان مونکي موڪليو ويو تہ تون وڃي اُتي Settle ڪر.

جيڪي اُڳاڙي سگھين، سو اُڳاڙ! اُن ڪم لاءِ ۾ پنج ڇھ مهينا لڳي ويا . K. J. Chotirmal ٻامبي وارن جي دبئيءَ ۾ بہ آفيس هئي. اُنهن جي منيب کي هڪ ٻيو بہ اسسٽنٽ کپندو هئو. مونکي Offer ڪيائون. مون پنهنجن سيٺين سان بمبئيءَ ۾ Contact ڪيو. هنن چيو تہ

”اِها ڀاڻ سني ڳالھ آهي، ڇو جو اسين بہ بمبئيءَ جي آفيس بند ٿا ڪريون.“

هنن کي انهي ٽائيم ۾ بمبئي، سنگاپور، هانگ ڪانگ، جاپان ۽ جڪارتا ۾ آفيسون هيون. هنن چيو تہ

”بمبئي آفيس بند ڪرڻ مهل اسان کي تنهنجو ئي خيال پئي رهيو. هاڻ جڏهن توکي اِهو چانس ملي ٿو تہ ڀلي جائن ڪر.

“Good Luck to you!”

اهڙي نموني مون K.J. Chotirmal جائن ڪئي. اُهي چار پنج مهينا مون ئي پئي ڪم هلايو. جڏهن هيڊ آفيس ڏٺو تہ ڪم سٺو پيو هلي، تہ هنن مون کي اُن آفيس جو اِنچارج ڪري ڇڏيو ۽ هنن منيب کي آڪرا، گهانا ۾ آفيس کولڻ لاءِ موڪليو. اِئين ١٩٥٤ع کان وٺي دبئيءَ ۾ ئي رهيس!

**جوَهراڻي:** **اُن مهل تہ دُبئي هڪ بيابان هو!**

**مورج:** اُن مهل دبئيءَ ۾ ويھ پنجويھ هزار آدم شماري هئي! ڪا بہ هوٽل نہ هئي! ريسٽارنٽ ۾ رڳو چانھ بسڪيٽ وغيره ملندو هو! ڪاڏو بہ پاڻ ناهيو يا بڪ مرو! ٻاهر ڪا ويسي بہ ڪونہ هئي، جتي وڃي ڪائجي! اِليڪٽرسٽي ڪونہ هئي. پاڻي ڪونہ هئو. روڊ ڪونہ هئا ۽ ٽيلي فون بہ ڪونہ هئا!

**جوَهراڻي:** **توهان جي وچڻ ڪان پوءِ اليڪٽرسٽي وغيره لاءِ ڪجھ ڪوشش ڪئي ويئي؟**

**مورج:** اُهو دير سان گهڻو پوءِ ٿيو! ١٩٦٠ع جي بہ آخر ۾ اُتي بجلي آئي!

**جوَهراڻي:** **هاڻ تہ دُبئي هڪ ترقي يافتہ ملڪ آهي! پهريائين ڪڏهن اَوهان اُتي پنهنجي ملڪ ڪان پري پاڻ کي اَڪيلو پئي محسوس ڪيو، يا هينئر اڪيلائپ محسوس ٿئي ٿي؟**

**مورج:** نہ! ديش سان تہ اَسين جڙيل ئي آهيون! اَسين پنهنجي ديش کي ويجهو بہ آهيون. صرف اَڍائي ڪلاڪن جي فلائيٽ آهي. جهوني زماني ۾ تہ Ships هوندا هئا. دبئي ۾ ايئرپورٽ بہ ڪونہ هئو.

**جوَهراڻي:** **اُتي دُبئي ۾ بہ سنڌ ۽ هند جيان ڪچهريون ٿينديون آهن؟**

**مورج:** جام! سوشل لائيف تمام گهڻي آهي.

**جوَهراڻي:** **ڇا توهان اُتي سنڌيت جي ڦهلاءَ لاءِ ڪيسماجڪ ادارا کوليا آهن؟**

**مورج:** اُن زماني ۾ سرڪاري طور سنستائن کولڻ جي اِجازت ڪونہ هوندي هئي. پر اَڻ سڌي طرح سنستائون هيون، جنهن ۾ چيٽي چنڊ ۽ ڏياري وغيره گڏجي ملهائيندا هئاسين. پوءِ سنڌ جي مسلمانن سان گڏجي هڪ سنستا ناهيسين. جنهن طرفان 'شاه لطيف اَوارڊ' ڏيڻ شروع ڪياسين. هڪڙو ساهتيڪار پاڪستان مان ۽ هڪڙو هندوستان مان. هڪ هڪ لاءِ گولڊ ميڊل ۽ ڏه هزار روپيہ ڏبا هئا. اِنڊيا جي اِنعام جي رقم، اُن جو سمورو خرچ ياڙو، رهڻ ڪرڻ منهنجي مٿان هئو. جنهن ۾ ڏڪايل، گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڪجھ ٻيا بہ گهرايا هئاسين!

**جوَهراڻي:** **اَوهان اُتي ڪهڙا اِسڪول برپا ڪيا آهن؟**

**مورج:** اِنڊين هاءِ اِسڪول؛ دبئي ۾ اَسان وٽ ساڍا اَٺ هزار ٻار آهن. اُتي جي شيخ اَسان کي زمين مفت ۾ ڏني هئي. پوءِ اِسڪول جيئن وڌيو تہ وڌيڪ زمين گهريسين. اها بہ ملي! هينئر اَسان کي ٻہ اِسڪول آهن. ٽوٽل ساڍا اَٺ هزار شاگرد آهن. آءٌ هڪڙو Founder Member آهيان. ٻہ ٽرم چيئرمن بہ ٿي رهيو آهيان!

**جوَهراڻي:** **توهان بمبئيءَ ۾ پنهنجي پوٽيءَ جي شادي ڪئي. اُتي مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن سان گڏ ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن کي خاص ڌيان ۾ رکي نينڊ ڏني؟**

**مورج:** منهنجي پوٽيءَ جي شاديءَ وقت اَسان مهمانن جي لسٽ پٽي ٿاهي؛ تڏهن مون چندر کي چيو تہ ڪوبہ ڪلاڪار، ليکڪ، ساهتيڪار، سنگيتڪار اَسان کي نہ وسارڻ گهرجي! سينيون وسري ويا، تہ هلندو؛ واندو ناهي! اُنهن سان Apologize ڪري وري جُڙي سگهبو!

**جوَهراڻي:** **اَسان ڳالھ ٿي ڪئي دُبئيءَ جي! اُتي توهان پنهنجي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ ڪهڙي ڪوشش ڪري رهيا آهيو؟**

**مورج:** دبئيءَ ۾ اَسين چيٽي چنڊ جو ميلو ڌامڌوم سان ڪندا آهيون. سنڌ ۽ هند جا سنڌي ڪلاڪار گهرائي انهن جا Functions ڪندا آهيون. ان طرح سنڌين جا هر سال ٽي-چار پروگرام ٿيندا رهندا آهن.

**جوَهراڻي:** **پروگرام آيوجت ڪرڻ لاءِ اُتي ڪي سنسٿائون بہ ٿاهيل آهن ڇا؟**

**مورج:** آشا چاند 'سنڌي سنگت' ٿاهي آهي. رام بخشاڻي ۽ ناري ساولاڻي بہ اُن ۾ سرگرم آهن. موهن گيهاڻي جڏهن اُتي هئو تہ اُهو بہ سنڌي پروگرام ڪندو هئو.

**جوَهراڻي:** **ڇا دُبئيءَ کي هند ۽ سنڌ جي سنڌين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو مرڪز بڻائي سگهجي ٿو؟**

**مورج:** چار پنج سال اَڳ سريش ڪيسواڻيءَ جڏهن اِها رٿ رکي هئي، تہ سوچيوسين تہ دبئيءَ جو وايو منڊل اُن لاءِ نيڪ ڪونہ ٿيندو! پر هينئر جيئن تہ دبئي Liberal ٿيندي پيئي وڃي، تڏهن مان سمجهان ٿو تہ ان لاءِ جيڪڏهن ڪوشش ونبي تہ ممڪن ٿي سگهندو! ڪوشش ڪري اَسين اَهڙو فنڪشن رکندا آهيون؛ جتي هند ۽ سنڌ جي ڪلاڪارن کي گڏ ڪري سگهجي!

**جوَهراڻي:** **ڪلاڪارن سان گڏ ڇا ساهتيڪار ۽ اَديب به خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا ؟**

**مورچ:** ها! بلڪل ويچارن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا!

**جوَهراڻي:** **توهان جسماني طور تي دُبئيءَ ۾ رهندڙ آهيو، پر مان ڀانيان ٿو ته اَوهان جي آتما هندوستان ۾ هوندي آهي. هتي هندوستان ۾ پنهنجي ٻولي ۽ سڀيتا بچائڻ لاءِ توهان ڪهڙين سنستائن سان جُڙيل آهيو؟**

**مورچ:** شروعات ۾ ١٩٨٢ع ڪان وٺي ’اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا‘ سان جُڙيل رهيس. انهن جو هڪ اَوارڊ به Sponsor ضرور ڪندو آهيان؛ جيڪو هوُ پاڻ فيصلو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪنهن به لائق شخص کي ڏين. مان شخصي طور Interfere ڪونه ڪندو آهيان. تنهن ڪانپوءِ اُلهاس نگر ۾ ’سنڌو يوٿ سرڪل‘ سان جُڙيل آهيان، جو اُنهن کي پنهنجي جڳهه به آهي. سنستائون ته سنڌين جون اَنيڪ آهن، پر ٿورن کي پنهنجي Premises آهي. ’سنڌو يوٿ سرڪل‘ هاڻ ته سٺ ستر لک خرچي هڪ عاليشان بلڊنگ ٺهرائي آهي. ساڳئي نموني ’اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ آديپور ۾ ڪم ڪري رهي آهي. انهن کي به هڪ سٺو اِسڪول آهي. پلاٽ اَٿن، جتي سنڌالاجيءَ جي جڳهه ٺهرائڻي آهي. سنڌي ڪلچرل يونيورسٽي قائم ڪرڻي آهي. اُن جو مان چيئرمن آهيان.

**جوَهراڻي:** **ڀائي پرتاپ هڪ سپنو ڏٺو هو ته اَسين آديپور ۾ نئين سنڌ اَڏينداسين! گذريل پنجونجاهه سالن ۾ ان جي ڪيتري پوئواري ٿي آهي؟**

**مورچ:** ڀائي پرتاپ کي پهرين جيڪا اُميد هئي، اُن موجب شروعات ڪونه ٿي سگهي! ڇاڪاڻ ته اُهو وقت هو جڏهن سنڌي جاتي پنهنجي آجيوڪا لاءِ Struggle ڪري رهي هئي. هنن سوچيو، ته گانڌيڌام ۾ نه اَسان لاءِ نوڪريون آهن ۽ نه اُتي ڌنڌا ڪري سگهبا. ان ڪري گانڌيڌام کي شروع ۾ Response سٺو ڪونه مليو. پر پوءِ جيئن ’ڪنڊلا پورٽ‘ نهڻ لڳو ۽ آدمشماري به وڌڻ لڳي، ته سنڌين کي اُن

پورٽ ۾ ٻه سنيون نوڪريون مليون. هنن اُتي ڏنڊا ٻه شروع ڪيا ۽ آسودگي ايندي رهي. ڪنڊلا پورٽ ۽ اِنڊسٽريل فري زون ٺهڻ کان پوءِ ته گانڌيڌام جو نالو وڏيڪ ٿيو ۽ اُتي Non-Sindhi ٻه گهڻيئي اَچڻ لڳا. تنهن هوندي ٻه سيني جاتين ۾ وڏي ۾ وڏي جاتي اَڄ ٻه سنڌي آهي!

**جوَهراڻي:** **گانڌيڌام جي ڪل آدمشماري گهڻي آهي؟**

**مورج:** مان پانيان ٿو ته شايد ٻه - ٽي لک ڪن هوندي! سڀ جاتيون آهن. پنجابي، سائوٿ اِنڊين، مراٺي، گجراتي. پر اَڄ ٻه وڏيڪ آدمشماري سنڌين جي آهي.

**جوَهراڻي:** **ان ننڍي ايراضيءَ ۾ ٿوري آباديءَ لاءِ ڪيترائي اِسڪول کوليا ويا آهن. ڇا ان جو فائدو سنڌي سماج وٽي رهيو آهي؟**

**مورج:** ڀائي پرتاپ جڏهن اهو ڪم شروع ڪيو ته تعليم جو ڪم دادا هوندراج ’دکايل‘ جي حوالي ڪيو. ’گانڌيڌام مئتري منڊل‘ قائم ڪيو ويو. جنهن جو سرڪردو اُن وقت ڀائي پرتاپ هئو! هن جي سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ دادا دکايل اُن جو هيڊ بڻيو. ڪجهه اِسڪول کوليائون؛ جتي سنڌي ٻولي، ديوناگريءَ ۾ سيکاري ويندي آهي. هينئر ته وري اِنگلش ميڊيم جو جُنون آهي ته ان ڪري اَنگريزي ميڊيم جا اِسڪول ٻه کوليائون.

**جوَهراڻي:** **ڇا انهن اِسڪولن ۾ سنڌي وشيه لازمي آهي؟**

**مورج:** جيڪي ڪرسچن ڪميونٽيءَ اِسڪول کوليا آهن، اُتي سنڌي لازمي ناهي. باقي نرملا گجواڻي، جيڪا

S. R. C. (Sindhu Resettlement Corporation) جي چيئر پرسن آهي؛ اُها جاتيءَ لاءِ سنو ڪم ڪري رهي آهي. اُن ٻه هڪ سنو اِسڪول کوليو آهي، جتي سنڌين لاءِ سنڌي وشيه لازمي ڪئي ويئي هئي. اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي طرفان پڻ اِسڪول کوليو وِيو آهي. اُنهن ڀهرين ته سيني ٻارن لاءِ سنڌي وشيه لازمي ڪئي هئي؛ پر ٻن ٽن سالن ۾ ڏٺائون ته اها ڳالهه پريڪٽيڪل ڪونهي. اَڳي ئي ٻارن مٿان ‘Three Language Formula’ جو ٻوجهه آهي، ته هو

چوڻين ٻولي سنڌي چو سگهندا! تڏهن هنن بہ پاليسي بدلائي سنڌي وڌيہ، صرف سنڌين لاءِ ضروري رکي آهي.

**جوَهراڻي: توهان جي ويچار ۾ اَڄ جي حالتن ۾ سنڌي ٻولي، اَدب، ثقافت ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺي سگهجن ٿا؟**

مورج: هينئر جيڪا Trend هلي رهي آهي، تہ جتي بہ اِنگلش ميڊيم اِسڪول کليا آهن، مائٽ اُتي ئي پنهنجا ٻار موڪلڻ چاهين ٿا. ان Trend کي نہ روڪي سگهبو. پر هڪ ڪوشش اَسان کي ضرور ڪرڻ گهرجي تہ اَسان جو Vocal Culture قائم رهي. لکڻ پڙهڻ تہ شايد پنجويهہ ٽيهہ سالن کانپوءِ بند ٿي ويندو ۽ پريڪٽيڪلي ڳالهہ اِها بيهندي تہ اهي اِسڪول وغيره پڻ بند ٿي ويندا! سنڌي لکڻ پڙهڻ ٻار ڪونہ سکندا! ٻولي صرف ڳالهائڻ ٻولهائڻ تائين محدود رهندي!

**جوَهراڻي: ڇا سنڌي ٻوليءَ جي ساهتيہ کي رومن لپيءَ ۾ ٻارن تائين پهچائي سگهجي ٿو؟**

مورج: نہ! وري رومن تي ڇو پهچون! اڳ ئي عربي لپيءَ سان گڏ اَسين ديوناگري لپي کين ڏيئي چڪا آهيون! هاڻ جيڪڏهن رومن لپي ڏبي تہ پوءِ تي لپيون ٿي پونديون. تنهن لاءِ جيڪڏهن اَسين ديوناگريءَ کي ئي همٿايون تہ هندي ڄاڻندڙ ٻارن لاءِ اها ديوناگري پڙهڻ ڏکي ڪونہ ٿيندي!

اَسان جو ساهتيہ بہ ديوناگري لپيءَ ۾ Transliterate ٿيڻ کپي! مون کي ياد ٿو اَچي، تہ منهنجي دوست جي پتني هئي، جنهن کي عربي - سنڌي ڪونہ اِيندي هئي، پر ٻڌائيندي هئي تہ هي خبر مون 'هندوستان' اَخبار ۾ پڙهي آهي! پڇيومانس تہ توکي سنڌي پڙهڻ تہ ايندي ڪونهي پوءِ 'هندوستان' اَخبار ڪيئن پڙهيئہ! چيائين، آخرين صفحي تي جيڪو Devnagari Section ايندو آهي، مان اُهو پڙهندي آهيان. تنهن مان ثابت آهي تہ ديوناگري لپي بہ ڪم ۾ اَچي پيئي!

**جوَهراڻي:** **ڇا ووڪل ڪلچر لاءِ اِليڪٽرانڪ ميڊيا جو اِستعمال ڪري سگھجي ٿو؟**

**مورج:** بلڪل صحيح آهي! اَسان کي اِها ڪوشش ڪرڻ گھرجي ته ڪيبل وارن کي چئي سيني گھرن تائين KTN جھڙا چينل پھچايون؛ جيئن سنڌي پروگرام گھر گھر تائين پھچن!

**جوَهراڻي:** **توهان لوچيندڙ ۽ سوچيندڙ اَديبن ۽ ڪلاڪارن جي ڏاڍو ويجھو آهيو! اُن لاءِ ڪو اَهم سبب؟**

**مورج:** خاص ڳالھ اِها آهي ته اَسين ورهاڱي کان پوءِ جڏهن شروعات ۾ پنھنجي روزي روٽي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هئاسين، تڏهن به هنن اَدبي سنسٿائون کوليون! گوبند مالهي، ڀڳونتي ناواڻيءَ کي ساڻ ڪٺي هندوستان جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويندو رهيو. اَسين هنن جو اهو يوگدان وساري ٿي ڪونه سگھنداسين! تنهن لاءِ کين Encourage ڪرڻ اَسان جو فرض آهي!

**جوَهراڻي:** **شايد ان ڪري توهان جي مدد جو هٿ به اَديبن ۽ ڪلاڪارن ڏانهن وڌيڪ هوندو آهي؟**

**مورج:** ها! رنگ منچ جا ڪلاڪار هجن، سنگيتڪار هجن، ليکڪ هجن؛ اُنهن کي Encourage ڪرڻ گھرجي! مستقبل ۾ به اُنهن جي ئي ضرورت رهندي!

**جوَهراڻي:** **دادا دکايل سان توهان جو ويجھو سنبنڌ رهيو! اُن جي صحبت جون ڪي يادگيريون؟**

**مورج:** پھريون ڀيرو دبئيءَ مان ڀارت واپس اَچڻ مهل ١٩٥٧ع ۾ هتي اَچي ڏٺم ته منھنجا ساهرا گانڌيڌام Shift ڪري ويا آهن. اُتي دادا دکايل به رهندو هئو. تڏهن مون خاص ٽيپ رڪارڊر ڪٺي وڃي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ سندس ڪلام رڪارڊ ڪيا. اِئين منھنجي هن سان ويجھڙائي ٿي ويئي.

**جوَهراڻي:** **دُبئيءَ مان واپس اَچڻ کانپوءِ توهين ڪٿي رهندا؟**

**مورج:** مون گانڌيڌام ۾ پنھنجو گھر ناهي ڇڏيو آهي. آءٌ اُتي ئي وڃي

رهندس!

**جوَهراڻي: سنڌيت جي ايلچي، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ڪا ياد توهان جي ذهن ۾ آهي؟**

مورچ: رام پنجواڻيءَ لاءِ اَسان طئہ ڪيو هو تہ هن جو ٧٠ سالہ جنم ڏينهن دبئيءَ وارن طرفان بمبئيءَ ۾ ملهائينداسون ۽ ٧٥ سالہ جنم ڏينهن اَسين دبئي ۾ ڪنداسين. اَسان ٧٠ سال جنم ڏينهن جئہ هند ڪاليج ۾ ڊام ڌوم سان ملهايو. ٧٥ جنم ڏينهن لاءِ مان هُن جي ويزا بہ ڪڍائي آيس. بمبئيءَ ۾ هن جي گهر ويس، تہ هوُ ٻاهر ويل هو. چيائون رات تائين اَچي ويندو. آءٌ رات جو سنڌس گهر پهتس تہ خبر پيئي تہ گذاري ويو! ان ڪري اها تمنا پوري ٿي نہ سگهي!

**جوَهراڻي: توهان کي ساهت پڙهڻ جو بہ شوق آهي! ڇا ان سان گڏ ڪڏهن ڪجهہ لکيو بہ اٿوَ؟**

مورچ: بلڪل نہ! صرف پڙهڻ جو شوق آهي!

**جوَهراڻي: جيڪڏهن سنڌ واپس ملي تہ ڇا اوڏانهن واپس هلي سگهبو؟**

مورچ: نہ ! سمجهو واپس هلجي بہ تہ گهڻا ماڻهو ويندا! هينئر اَسين Settle ٿي ويا آهيون! اَسان جي پنهنجي Generation تہ اَچي پهتي آهي، ٻيا تہ ڇاوا ئي هتي آهن؛ ان کان پوءِ ايندڙ پيڙهين جو تہ شايد سنڌ لاءِ ڪو چاهہ ئي ڪونہ هوندو!

**جوَهراڻي: ڪيترا اَسان جا نوجوان سنڌي سڏائيندي بہ شرم محسوس ڪندا آهن! ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

مورچ: هاڻ مان سمجهان ٿو سنڌي سڏائڻ ۾ شرم واري ڳالهہ نڪرندي پيئي وڃي! اَسين تہ چئون ٿا تہ پاڻ فخر وٺو تہ اَسين سنڌي آهيون! اَڄ معاشي طور اَسان ايتري Progress ڪئي آهي، جو سڀني جاين تي؛ Overseas ۾ توڙي India ۾، سنڌين Prosper ڪيو آهي! جيئن دادا جشن واسواڻي بہ هميشهہ چوندو آهي تہ پنهنجي ٻولي نہ وساريو! اَسان کي پنهنجن گهرن ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي! ائين اَسين ٻين سنڌن تي بہ پنهنجو اَثر هلايون تہ هوُ سنڌيءَ لاءِ بہ

اَکر ضرور ڳالھائين! ائين اَسان جي Vocal Sindhi قائم رهي سگھندي.

**جوَهراڻي:** **تَوهين اَسان جي سماج جي بهتريءَ لاءِ هندوستان ۽ دُبئيءَ ۾ گھڻو ڪجھ ڪريو ٿا، اُن لاءِ توهان کي آفرين آهي! اَسين انهن چند لفظن سان اَوهان کان موڪلايون ٿا. مهرباني!**

**مورج:** مهرباني!